© rasailojaraid.com



# سيد سليمان ندويؒ
# جن جا علمي ڪارناما

زرينہ قاضي

رسرچ اسکالر جامعہ کراچی

*Zrina Qazi*

**ABSTRACT:**

Allama Syed Suleiman Nadvi was born in 1884, at Patna, province of Behar- India. He started his primary education under the patronage of his father and brother, after that he gradually received educations from Maulana Mohiuddin, Madersah Imdadiyah and Darul-uloom Nadvah. Later he started article writings in the famous publications named "Maarif" and "Al-Hilal", thereafter he took part in the preparation of an excellent work "Seerat-un-Nabi_ S.A.W.S" by Allama Shibli Naumani.

Very soon, the writings of Allama Suleiman Nadvi received prompt attention of the eminent scholars like, Allama Dr. M. Iqbal, who admitted his work.

Allama Nadvi had also taken part in the independence moment of Sub-Continent. He innovatively adopted a new method of pen-works as ammunition against the notions of Non-Muslims being furnished by Arabic, English and Hebrew languages through which he had shown an illumination upon the questions against Islam.

In 1950 he migrated to Pakistan, but alas! He could survive more than a three years, and died. He was buried in the side of Allama Shabbir Ahmed Usmani's grave, in the premises of Islamia Science College, Karachi.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



## ١ــ خاندان

سيد سليمان ندوي رحمته الله عليه بهار جي ضلعي پٽنه ۾ ٢٢ نومبر ١٨٨٤ع مطابق ٢٣ صفر ١٣٠٢هه ۾ جمعي جي ڏينهن ان خاندان ۾ پيدا ٿيا جيڪو ديني علمن سان گڏوگڏ ديِنداري ۽ تقوي ۾ به مقبول هيو.(١) پاڻ ناناڻ کان زيدي خاندان ۽ ڏاڏاڻ کان حسيني سيد هيا.(٢)

## ٢ــ شخصيت :

سيد صاحب جن جي شخصيت جي متعلق مولانا محمد نعيم صديقي ندوي لکن ٿا ته :

> "علامه سيد سليمان ندوي جن جي شخصيت ۾ اعتدال توازن، مروت، وقار، انڪساري ۽ تواضع، سادگيءَ خاڪساري، احتياط ۽ ديانت، حق گوئي ، ثابت قدمي، خوش طبعي ۽ شگفته مزاجي،مطالعي جو تمام گهڻو شوق، ذوق ءِ جستجو ۽ عفو و درگزر جي اعلي صفتن سان ڀرپور هئي." (٣)

## ٣ــ مضمون نگاري جي شروعات :

سيد صاحب جن جو سڀ کان پهريون مضمون ١٩٠٣ع ۾ "وقت" جي عنوان سانمخزن لاهور ۾ ڇپيو جنهن جا ايڊيٽر ان وقت اُردو جا مشهور قلم نگار شيخ عبدالقادر هئيا. سائٽي سال سيد صاحب جن پنهنجي اباڻي وطن جي انجمن اصلاح جي سالانه جلسي ۾ "علم ۽ اسلام" جي نالي تي هڪ وسيع مضمون پڙهيائون جنهن کي اهل علم

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



پسند ڪيو ۽ علي گڙهه منٿلي ميگزين مشهور رسالي ۾ ايڊيٽر جي تعريفي نوٽ سان گڏ ڇپيو .(۴)

## ۳ـ عربي ۾ مضمون نگاري :

دارالعلوم ندوه ۾ مصر ۽ شام کان عربي اخبارون العوئد ۽ اللواء ايندڙيون هيون سيد صاحب انهن کي ڏاڍي شوق سان پڙهندا هيا. لکنو جي مشهور اخبار اوڌپنچ انهن عربي مضمون جو عربيءَ ۾ ترجمو ڪرائڻ شروع ڪيو. انهيءَ وقت ۾ مولانا عبدالله عماري عربي ۾ هڪ رسالو البيان ڪڍندا هيا. سيد صاحب ان ۾ به عربيءَ جا ڪجهه مضمون لکيا. انهن جون لکيئون مصر جي مشهور اخبار العنان ۾ شايع ٿيون. (۵)

## ۴ـ صحافت

سيد صاحب جن جي همگير شخصيت جو هڪ نمايان پهلو ۽ انهن جي زندگي جو روشن باب انهن جي صحافت آهي. سيد صاحب جن ماهنامه الندوه لکنئو جا سب ايڊيٽر مولانا ابوالاڪلام آزاد جي هفت روزه الهلال جي تحرير جي اداري جا رڪن ۽ ماهنامه معارف اعظم گڙهه جا ايڊيٽر هئا.(٦)

## ۵ـ تحريرون / تصنيفون:

علامه سيد سليمان ندويؒ جن بلند پائيه جا اديب ، نقاد ۽ مبصر هجڻ کان علاوه اعلي درجي جا مصنف پڻ هئا.(۲)

## ١ ـ لغات جديده :

عربي جي نون ۽ جديد لفظن جي ڊڪشنري جيڪا ١٩١٢ع ۾ شائع ٿي.(٧)

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



## ٢_ ارض القرآن :

سيد صاحب جن کي اسلامي علمن ۾ حقيقي شغف قرآن مجيد سان هيو. قرآني آيتن سان ڪلامي، فقهي، اخلاقي ءسياسي اسلامي جي مسئلن جو حل ان جي ادبي لطائف جي تشريح ۽ توضيح ۽ تاريخي مباحث جي تحقيق انهن جي زندگي جو دلچسپ موضوع هيو ارض القرآن جيڪو ٻن جلدن تي آهي ان ڳالهه جو شاهد آهي. (٨)

## ٣_ سيرت النبي صل الله عليہ و سلم :

علامہ شبلي نعماني جن پنهنجي آخري عمر ۾ سيرت النبي صل الله عليہ و سلم جي تاليف جو منصوبو ناهيو. جئين فرمائين ٿا :

عجم کی مدح کی داستان عباسیوں نے لکھی مجھے چندے مقیم غیر آستاں ہونا تھا

مگر اب لکھ رہا ہوں سیرت پیغمبر خاتم کہ یوں ہی اب میرا خاتمہ بالخیر ہونا تھا (٩)

مولانا شبلي جن پهرين جلد مڪمل ڪئي ۽ ٻي جلد به اڌ جي قريب مڪمل ڪيائون ته ١٨ نومبر تي وفات فرمائي. سيد صاحب جن پهرئين ۽ ٻي جلد تي نظرثاني ڪيائون جيڪي بحث اڌڪار هجي ويا هئا. انهن کي مڪمل ڪيائون .

## سيرت النبي صل الله عليہ و سلم (جلد سوم) :

علامہ شبلي نعماني جن هن دنيا مان رحلت فرمائي ته ان وقت باقي رهيل منصوبي ۽ خاڪي جي تڪميل جي اهم ذميداري سيد صاحب جن جي حوالي ڪيائون.

تنهنڪري سيد صاحب جن سڀ کان پهريون علامہ شبلي جن جي مسوده سيرت کي ٻن جلدن ۾ علي الترتيب ١٩١٨ء، ١٩٢٠ء ۾

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



شايع ڪيو.

سيرت النبي صلي الله عليه و سلم جي ٽين جلد لکيائون جيڪا ١٩٢٣ء ۾ شايع ٿي. هن جلد جو موضوع معجزات آهن. جنهن ۾ معجزي جي حقيقت ۽ نوعيت بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ ان جي هر پهلوءَ تي نهايت عالمانه ۽ محققانه بحث ڪئي آهي.(١٠)

## سيرت النبي صلي الله عليه و سلم (جلد چهارم).

چوٿين جلد ١٩٢٣ء ۾ شايع ٿي ان جو موضوع منصب نبوت آهي.(١١) اسلام کان پهريون عربن جي اخلاقي حالت تبليغ نبوي جا اصول، رسول اڪرم صلي الله عليه و سلم جن جو پيغمبرانه عمل ۽ اسلام ۽ ان جي عقيدت تي مڪمل ۽ حڪيمانه بحث آهي. (٣)

ان جو ترجمو پشتو زبان ۾ به جناب عزيزالرحمن سيفي جن ڪيو. جيڪو ١٣٣٣هه ۾ پشتو ٽولنه ڪابل مان شايع ٿيو.

## سيرت النبي صلي الله عليه و سلم (جلد پنجم) :

سيرت النبي صلي الله عليه و سلم جي هن جلد جو موضوع عبادات آهي. جنهن ۾ عبادات جي حقيقت انهن جاقسم بيان ڪرڻ کان پوءِ فرائض خمسه ۽ جهاد تي الڳ الڳ بحث ۽ تحقيق ڪئي اٿائون.

## سرت النبي صلي الله عليه و سلم (جلد ششم):

ڇهون حصو اخلاق تي آهي . دنيا جو سڄو نظام ۽ انسانيت جو سڄو شرف اخلاق سان وابسته آهي. انڪري سيني مذهبن ۾ اخلاق جي اهميت آهي ۽ ان حيثيت سان انهن جو تعلق گهڻو ڪري حقوق العباد سان آهي.(١٣) هن جلد ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه و سلم جن ڪي

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



معلم اخلاق جي حيثيت سان ڏاڍو دلنشين انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

**سيرت عائشه رضه :**

١٩٢٤ع ۾ شايع ٿيو. علامه اقبال جن جي مطالعي ۾ جڏهن هي ڪتاب آيو ته سيد صاحب جن ڏانهن لکيائون:

"سيرت عائشہؓ کے لئے سراپا سپاس ہوں۔ یہ ہدیہ سلیمانی نہیں سرمہ سلیمانی ہے۔اس کتاب کے پڑھنے سے میرے علم میں بہت مفید اضافہ ہوا۔خدا تعالیٰ جزائے خیر دے۔" (١٤)

**خطباتِ مدراس :**

سيرت النبي صلی الله عليه و سلم تي انن خطبن جو مجموعو آهي جيڪو آڪٽوبر ١٩٢٥ع ۾ مدراس ۾ پاڻ ارشادفرمايائون. هي خطبات سيرت النبي صلی الله عليه و سلم جا جوهر ۽ عطر آهن.

ان کان علاوه ٻيون به ڪيتريون تي تصنيفون ۽ علمي ڪم آهن. جن ۾

عرب وہند کے تعلقات، عربوں کی جہاز رانی، خيام،سيرِ افغانستان،نقوش سليماني،رحمت عالم،بريد فرنگ،مسلمان خواتين کي بهادري،حياتِ شبلي،مقالات سليمان، مكاتيب سليمان، مكتوبات سليمان، حيات امام مالک، ہندوؤں کی تعلیم مسلمانوں کے عہد میں.

حضرت مولانا سيد سليمان ندوي رحمته الله عليه جن جهڙي جامع ڪمالات واري شخصيت صدين ۾ پيدا ٿيندي آهي. هو پنهنجي ڪمالات ۾ آئمه اسلاف جي يادگار هئا. اسلامي علمن تي انهن جي نظر گهري ۽ وسيع هئي ۽ ڪجهه علمن ۾ امامت ۽ اجتهاد جو درجو حاصل هين.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



مان پنهنجي هن مضمون ۾ انهن جي چند تصنيفون جو اجمالي ذڪر ڪيو آهي. جنهن مان انهن جي علمي درجي ۽ انهن جي ديني خدمات جو اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو.(۴)

## حوالا :


۱۔ سيد صباح الدين عبدالرحمن صاحب تذڪره سوانح ماهنامه القاسم ، ڊسمبر ۲۰۰۳، جامع ابوهريره ، برانچ پوسٽ آفيس خالق آباد ، نوشهره.

۲۔ عبدالرشيد عراقي، اجمالي تذڪره ، سوانح ماهنامه القاسم .

۳۔ سيد سباح الدين عبدالرحمن، ماهنامه القاسم.

۴۔ ايضاً

۵۔ عبدالرشيد عراقي ، اجمالي تذڪره ، سوانح ماهنامه القاسم ۲۰۰۳ع سيد سليمان ندوي نمبر.

۶۔ ايضاً

۷۔ مولانا محمد اویس صاحب ندوی بعض اہم علمی کام جو سید صاحب کے پیشِ نظر تھے ۔القاسم.

۸۔ عبدالرشيد عراقي اجمالي تذڪره سوانح ماهنامه القاسم سيد سليمان ندوي نمبر.

۹۔ ايضاً

۱۰۔ ڊاڪٽر محمد الياس الاعظمي تصانيف ک ے تراجم ماهنامه القاسم ، ڊسمبر ۲۰۰۳.

۱۱۔ عبدالرشيد عراقي اجمالي تذڪره سوانح ماهنامه القاسم سيد سليمان ندوي نمبر ۲۰۰۳.

۱۲۔ مولانا محمد اویس صاحب ندوی بعض اہم علمی کام جو سید صاحب کے پیشِ نظر تھے ۔القاسم، شمارہ دسمبر ۲۰۰۳ء.

۱۳۔ شاهه معين الدين احمد ندوي سيد سليمان ندوي ڪي ديني و علمي خدمات القاسم ، ڊسمبر ۲۰۰۳.

۱۴۔ عبدالرشيد عراقي اجمالي تذڪره سوانح ماهنامه القلسم.


© rasailojaraid.com